# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 1996

# SINDH ACT NO.IV OF 1996

# سرڪاري زمينن جي ڪالونائيزيشن (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1995

# THE COLONIZATION OF GOVERNMENT LANDS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1995

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1912 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعات 10 ۽ 17 جي ترميم
Amendment of sections 10 and 17 of Punjab Act V of 1912

3. 1995 جي سنڌ آرڊيننس VII جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance VII of 1995

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 1996

# SINDH ACT NO.IV OF 1996

# سرڪاري زمينن جي ڪالونائيزيشن (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1995

# THE COLONIZATION OF GOVERNMENT LANDS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1995

[1 فيبروري 1996]

ايڪٽ جنهن ذريعي سرڪاري زمينن جي ڪالونائيزيشن ايڪٽ، 1912 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سرڪاري زمينن جي ڪالونائيزيشن ايڪٽ، 1912 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سرڪاري زمينن جي ڪالونائيزيشن (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1912 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعات 10 ۽ 17 جي ترميم

2. سرڪاري زمينن جي ڪالونائيزيشن ايڪٽ، 1912 ۾:

(i) دفعه 10 ۾ ذيلي دفعه (2) کانپوءِ، هيٺيون نئون ذيلي دفعه شامل ڪيو ويندو:

| | |
|---|---|
| Amendment of sections 10 and 17 of Punjab Act V of 1912 | "(2_A) جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (1) يا ذيلي دفعہ (2) ۾ شامل نہ هجي، تيستائين اهڙي زمين نجي يا قبولي زمين سان مٽا سٽا جي لائق نہ هوندي."<br>(ii) دفعہ 17 ۾، آخر ۾ اينڊ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ، هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:<br>"بشرطيڪ اهڙي زمين نجي يا قبولي زمين سان مٽا سٽا لائق نہ هوندي." |
| 1995 جي سنڌ آرڊيننس VII جي منسوخي<br>Repeal of Sindh Ordinance VII of 1995 | 3.سرڪاري زمينن جي ڪالونائيزيشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1995 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.<br><br>**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |